بخدمت جناب،

**ڊائريڪٽر صاحب،**

اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ سنڌ ڪراچي.

عنوان: **<u>پنهنجي زيرنگراني غيرجانبدار ۽ شفاف انڪوائري ڪري ميرٽ جي بنيادن تي فيصلو ڪري انصاف ڪرڻ جي گذارش.</u>**

جناب اعليٰ،

آئون عرضدار سجاد علي ولد محمد صديق ميمڻ، اسٽينوٽائپسٽ بي پي ايس 14، آفيس آف دي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رورل ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ضلعو ٺٽو، سائين جن کي مودبانا گذارش ٿو ڪريان تہ ڪجھ عرصو اڳ منهنجي خلاف اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ ڪمپلينٽ داخل ٿي، جنهن جي اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ پاران باقاعده طور انڪوائري ڪئي ويئي ۽ لڳايل الزام ڪوڙا ثابت ٿيڻ تي انڪوائري کي فائل ڪيو ويو هو، ۽ هڪ دفعو ٻيهر سال 2022 ۾ منهنجي خلاف هڪ ٻي ڪمپلينٽ اينٽي ڪرپشن ڊپارٽمينٽ ۾داخل ڪرائي ويئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين ڄام شورو زون ۾ پينڊنگ پيل آهي مذڪوره انڪوائري ۾ اهي ساڳيا الزام لڳايل آهن ، جيڪي الزام ان کان اڳ فائيل ٿيل انڪوائري ۾ شامل هئا.

جناب اعليٰ جيئن تہ ڄام شورو زون ۾ پينڊنگ پيل انڪوائري جو فريادي منهنجو پاڙيسري آهي ۽ اسان جو اڳيئي ڪجھ ذاتي معاملن تان تڪرار هلندڙ آهي فريادي ذاتي انا پرستي جي بنيادن تحت منهنجي خلاف اينٽي ڪرپشن کاتي ۾ ڪوڙن الزامن تحت درخواست داخل ڪئي ويئي جيئن تہ اڄوڪي هن درخواست کان اڳ ڄاڻايل انڪوائري جي سلسلي ۾ مون توهان سائين جن وٽ پيش ٿي عرض ڪيو هو تہ مذڪوره انڪوائري ۾ مونکي پريشان ڪيو پيو وڃي جنهن لاءِ شفاف طريقي سان انڪوائري ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي، منهنجي اهڙي درخواست کان پوءِ توهان سائين جن جي ليٽر نمبر NO:OSC(GEN)TRANSFER/JAM/2022/3512 DATED 07/04/2022 تحت ڄام شورو زون ۾ مذڪوره انڪوائري هڪ انڪوائري آفيسر کان ٻئي انڪوائري آفيسر تائين ٽرانسفر ڪئي ويئي ۽ منهنجا ۽ اسان جي ڊپارٽمينٽ وارن جا بيان پڻ قلمبند ڪيا ويا، پر هڪ سال جو عرصو گذرڻ وارو آهي پر اڄ ڏينهن تائين انڪوائري بابت اڄان تائين ڪا بہ حتمي رپورٽ جاري نہ ڪئي ويئي آهي.

جناب اعليٰ فريادي جو اهو پڻ چوڻ آهي اينٽي ڪرپشن ڄام شورو زون ۾ سندس تمام ويجها ۽ گهاٽا تعلقات آهن ۽ هو ڄام شورو زون وارن سان ملي ڪري مونکي ڄاڻايل انڪوائري تحت

تمام گھڻو نقصان رسائيندو، ۽ اهڙي قسم جون ڌمڪيون مونکي مسلسل ملنديون رهيون آهن جنهن ڪري آئون تمام گهڻو پريشان آهيان.

جناب اعليٰ اينٽي ڪرپشن ڄام شورو زون ۾ فريادي جا ويجها تعلقات هجڻ ڪري مونکي خدشو آهي تہ ڪٿي منهنجي خلاف ڪا غلط رپورٽ نہ پيش ڪئي وڃي، آئون غريب ماڻهو آهيان ۽ منهنجو هن نوڪري کان سواءِ ٻيو ڪو بہ آمدني جو ذريعو ناهي، منهنجي ٻچن جو گذر سفر هن روزگار تي آهي ، جنهن لاءِ توهان سائين جن کي مودبانا گذارش ٿي ڪجي تہ ڄام شورو زون ۾ پينڊنگ پيل انڪوائري کي ڄام شورو زون مان طلب ڪري توهان پنهنجي ڊائريڪٽوريٽ ۾ پنهنجي زيرنگراني غيرجانبدار ۽شفاف طريقي سان جاچ پڙتال ڪري ميرٽ جي بنيادن تي فيصلو ڪري مون سان انصاف ڪرڻ فرمائيندا تہ آئون توهان سائين جن جو نهايت ٿي شڪرگذار رهندس.

مهرباني

تاريخ: 23/03/023

تاريخ 7.4.2022 تي توهان پاران جاري ڪيل ليٽر ۽ انڪوائري آفيسر جي ليٽر جي ڪاپي هن درخواست سان گڏ شامل ڪيل آهن.

عرضدار

سجاد علي ولد محمد صديق ميمڻ
اسٽينو ٽائپسٽ بي پي ايس 14
آفيس آف دي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رورل ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ
ضلعو ٺٽو.
رابطو: 03343185388

**<u>ڪاپي براءِ اطلاع و ضروري ڪاروائي:-</u>**

1. چيف جسٽس صاحب و چيئرمين هيومن رائيٽس ڪميٽي، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان اسلام آباد.
2. چيف جسٽس صاحب، سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي.
3. رجسٽرار صاحب ، سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي.
4. چيئرمين صاحب، اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ حڪومت سنڌ ڪراچي.
5. صوبائي محتسب اعليٰ ، حڪومت سنڌ ڪراچي.
6. چيئرپرسن ، سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن ڪراچي.
7. چيئرپرسن / انچارج ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان سنڌ ڪراچي.

